سعيد سميجو

# حسن درس جي شاعريءَ ۾ جمالياتي خصوصيتون
# (AESTHETIC FEATURES IN THE POETRY OF HASAN DARAS)

**Abstract:**

The Modern poet Hassan Dars was known as versatile modern poet of modern Sindhi poetry. He Has Introduced his own diction and style in his poetry. Basically he was a romantic poet but at the same time his expression of creative writing was progressive. Main topics of his poetry are Native people of Sindh, village life of Sindh, Geography of Sindh, Naturalism and Aesthetics.

Hassan Dars was the most popular poet among his contemporary poets. He was not only representative poet of modern poetry but also a prose writer. His poetry was published in different magazines. After his death the collection of his whole poetry published by name: "Hassan Dars Jo Risaalo." In This Research Paper, various aesthetic features of Hassan Dars`s poetry will be discussed.

جديد سنڌي شاعريءَ جي اهم نالي حسن درس جو جنم ڳوٺ مشائخ هوٽي، تعلقي ۽ ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ ٿيو. حسن درس، جديد سنڌي شاعرن ۾ هڪڙو ناميارو شاعر مڃيو وڃي ٿو. حسن درس جو اصلي نالو محمد حسن درس ۽ سندس والد جو نالو غلام رسول درس آهي. هو ننڍي ڄمار ۾ ئي حيدرآباد ۾ هڪڙي روڊ حادثي جي نتيجي ۾ هن فاني دنيا کي الوداع ڪري ويو.

حسن درس پنهنجي همعصر شاعرن ۾ وڏيڪ مقبول شاعر رهيو. هو نه رڳو شاعريءَ ۾ جديد ٿهيءَ جو نمائنده شاعر، بلڪ نثر نويس پڻ هيو.ڪيس نئين ٿهيءَ جي شاعرن جو اڳواڻ شاعر ڪري ڪوٺيو ويو آهي. ان باري ۾ حسن درس جو دوست مصدق سانول روزانه ڏان 26 جون 2011ع واري رسالي ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو:

"Hassan is a leading poet of future generation of Sindh. (سانول 2011)

حسن درس جي شاعريءَ ۾ هونئن ته انيڪ موضوع نظر اچن ٿا، جن ۾ رومانويت، مزاحمت، وطن پرستي، سنڌ سان محبت، سنڌ جا سماجڪ مسئلا، سنڌ جا معاشي مسئلا، درد، ڏک، فراق، وصال، هجر، ميلاپ وغيره شامل آهن. ڊاڪٽر ساجده پروين هڪ مقالي ۾ لکي ٿي:

> حسن درس رومانوي مزاج رکندڙ، حُسن پرست ۽ جمالياتي حس رکندڙ شاعر هو. پيار، قرب ۽ پنهنجائپ سندس شخصيت جا خاص گُڻ هئا. انهيءَ ڪري حسن درس جي شاعريءَ ۾ رومانويت ۽ جماليات جو عنصر سڀ کان وڌيڪ نمايان آهي. (ساجده 2021, 103)

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ئي ڪونهي ته حسن درس جي شاعريءَ ۾ نه رڳو رومانويت ۽ جماليات پر ٻيا به موضوع سهڻي انداز ۾ چٽيل آهن. بنيادي طور حسن ۽ سونهن جو شاعر آهي. هن جي هر هڪ سِٽ جماليات سان ڀرپور ملي ٿي. سليم جمالي لکي ٿو: "حسن وٽ عشق ۽ جماليات جو وسيع ڪئنواس آهي." (رام اوڏ, 2017, 22)

حسن درس واحد شاعر ڪونهي، جنهن وٽ جماليات جا سڀ رنگ آهن، پر سندس انفراديت اها آهي ته هن جي شاعريءَ جي هر هڪ سِٽ جمالياتي حظِ سان ڀرپور محسوس ٿئي ٿي. هو هڪ ئي وقت حسن، پيار، محبت ۽ عشق جو شاعر ڀاسجي ٿو. پر حسن درس فني حوالي سان شاعري ۾ اعليٰ ترڪيبون استعمال ڪرڻ جي ڪري گهڻو وڻندڙ شاعر هُيو. حسن درس کي گهڻو ٿڪو نظم جو حسين شاعر ڪري مڃيو ويو آهي. هن جي شاعري نه صرف عام ماڻهن جي سوچ ۽ سمجهه کي پهچي ٿي، پر اها فڪر جي گهرائيءَ سان پڻ مالا مال آهي. هو خاص طور تي سنڌ جي ڀهراڙيءَ واري علائقن جي سچاٽپ ڪري انهن جو جمالياتي رنگ ڏيکاري ٿو.

**جماليات جو تعارف:**

جماليات فلسفي جي هڪڙي شاخ آهي، جيڪا حسنَ، سونهن ۽ خوبصورتي جي سائنسي علم جو نالو آهي. ادب ۽ زندگيءَ ۾ جماليات جي وڏي اهميت آهي. جيتري هيءَ دنيا قديم ۽ اوائلي ڏسجي ٿي، اوترو ئي انسان جو حُسن سان ڳانڍاپو به اوائلي آهي. انسان اک کوليندي ئي قدرت جي انيڪ مظهرن جو مشاهدو ڪيو جنهن ۾ سج، چنڊ، چانڊوڪي، تارا، ڪَتيون، نيرو آسمان، بادل، وڻ ٽڻ،

گل، ٻوٽا، پهاڙ، آبشارن، جهرڻا، نديون، درياهه، سمنڊ، ۽ اهي سڀئي سونهن سان قدرت جا لاڳاپيل عنصر اکين پَسيا جيڪي انسان جي سامهون آيا ۽ اهو سڀ فطري جمال آهي. ساڳي ريت فطري سونهن ۽ حُسن جي وڏي خوبي اها ئي آهي ته اها عالمگير اهميت رکي ٿي. حسن جي ۽ سونهن جي خواهش ته هر ماڻهوءَ کي ٿيندي آهي. فطري طور تي انسان هر شئي کي پنهنجي نظر توڙي سيني حواسن ۾ حسين ڏسڻ جو خواهشمند رهيو آهي. حُسن هِن جهان جو اهو عنصر آهي، جنهن ۾ جهان جون سڀئي حُسناڪيون سمايل آهن. اهو ئي سبب آهي جو سونهن يا حسن جي فلسفياڻي اڀياس يا ان جي سائنسي اڀياس کي ئي ’جماليات‘ چيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر شير مهراڻي جماليات جي وصف ڪندي لکي ٿو:

> ”سونهن ڪائنات جو اهو عظيم مظهر آهي، جنهن ۾ جهان جون سموريون وسعتون سمايل آهن. حسن پنهنجي پيڪر ۽ نمونن ۾ ازل کان ئي ڪشش جو سبب بڻجندو رهيو آهي.“ (مهراڻي شير، 2013، 21)

اهڙي ريت جماليات جون ڪيئي وصفون ۽ وضاحتون مختلف عالمن ۽ محققن پاران اينديون رهن ٿيون، جيڪي جماليات جي فلسفي کي سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا. پر هن مقالي ۾ اسين صرف حسن درس جي شاعريءَ ۾ جماليات جي مختلف خصوصيتن جو تفصيل سان ذڪر ڪرڻ لاءِ، جماليات جي چند اهم قسمن کي شامل ڪري حسن درس جي شاعريءَ ۾ جماليات جو تحقيقي اڀياس ڪنداسين. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين فطرت جي جماليات تي هڪ نظر وجهون ٿا. جيڪا جماليات جي سيني قسمن مان اهم قسم آهي.

**حسن درس جي فطرت جي جماليات:**

**شاعريءَ** ۾ فطرت جي جماليات مان مراد آهي، شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي، ان جي مختلف مظهرن جي پيشڪش ۽ خاص طور هڪ تخليقي شاهڪار اندر قدرتي ماحول ۽ ڪائنات جو وجود جيڪو شاعر پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ قدرتي منظرن منجهان ڪي نظارا ڪٺي، انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري، انهن کي حسن ۽ زندگي بخشي ٿو. فطرت جي جماليات ۾ آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوڻون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر ايندڙ منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياهه، نديون، جانور، ڍنڍون، پکي، پکڻ، جيت جڻيا) سڀ شاعريءَ ۾



فطرت جا عڪاس ٿيندا آهن. حسن درس جي شاعريءَ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو ته سندس شاعري فطرت جي جماليات سان پڻ مالا مال آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي فطرتي خوبيون ۽ خوبصورتيون موجود آهن. جيئن هو ڳوٺ جي هڪڙي دلڪش منظر ۾ فطرت جي جماليات جي سيني رنگن کي هيئن چٽي ٿو:

اڏاڻيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنهن سار وانگي هو.
لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مُهاڻي ٻار وانگي هو.

وڻن تي ڪانگ ها ويٺل، ڳليءَ مان ڳئون پئي آيون،
پراڻو ڳوٺ هو ليڪن، پرينءَ جي پار وانگي هو.
(محبوب، ارم، 2017، 78)

هي منظر هڪڙي ڳوٺ جو آهي، جتي شام جي پهر ۾ آڙيون پئي اڏاڻيون، وڻن تي ڪانگ ويٺل هئا، ڳليءَ مان ڳئون پئي آئيون. مٿان سج لهڻ وقت ڪنهن مُهاڻي ٻار جي معصوم چهري جيان لڳي رهيو هو. هي منظر ڪيڏو نه دلڪش آهي، جنهن ۾ فطرت جا سڀ رنگ ماحول سان ڀرپور نکريل آهن. اڪثر ڳوٺن ۾ اهڙا منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا ۽ اسان جي ماحوليات جو حصو آهن پر اسان ڌيان ۾ ناهيون آڻيندا. اهڙا منظر پنهنجي موجودگيءَ سان اسان جي ماحول کي حسين بڻائيندا آهن. ٻيا به ڪيترائي حسين منظر اسان جي ماحول ۾ آس پاس پهاڙن پٿرن جي صورت ۾ موجود هوندا آهن جن جي سونهن پڻ اسان کي متاثر ڪندي آهي. جڏهن پٿرن مٿان بارش ٿي پوي ته ان وقت سندن نکار ڏسڻ وٽان هوندو آهي. پهاڙن تي پوندڙ مينهن پٿرن جي خوبصورتي کي وڌائي انهن ۾ حيرت جهڙو حسن پيدا ڪري ٿو. ٻهراڙيءَ جو ٻيو هڪڙو دلفريب منظر ڏسو جنهن ۾ پکي آهن، سج آهي، شام آهي ۽ رڻُ آهي:

پکي پرديس جا سورج پرن پوپان لڙي ٿو پيو،
ورڙ ان واٽ تي ويٺل، اڳيان جت رڻ رڙي ٿو پيو.
(محبوب، ارم، 2017، 79)

ڪيڏي نه سهڻي انداز سان سج جي غروب ٿيڻ واري منظر جي تصوير چٽي پئي آهي، جتي پرديسي پکي شام جو گهرن ڏانهن موٽي رهيا آهن ته انهن جي

پرن منجهان سج جو ٻُڏڻ شام جو الڳ ئي ڏيک ڏيئي ٿو. هڪ ورڻ ذات جو باشندو رڻ جي پرسان ويهي اهو سجو منظر پنهنجي اکين ۾ اوتي رهيو آهي. پکيءَ جي پرن پويان سج لڙڻ واري منظر ۾ فطرت جي جماليات جو بيحد خوبصورت ڏيک چٽيل آهي. ڪٿي حسن رڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ شام جي خاموش منظر کي بيان ڪري ٿو پر ڪٿي وري هو ستارن جي ڳالهه هيئن ڪري ٿو:

آسمان اُجرو آ،
رات جو ستارن جي،
پاڻ ۾ ڪچهري آ.
(محبوب، ارم، 2017، 82)

ڪيڏو نہ دلڪش منظر آهي، جڏهن بہ ڪو شاعر مٿي نگاهہ ڪري آسمان کي تڪي ٿو تہ ان کي اهو ئي لڳي ٿو تہ آسمان ۾ تارن جو اهو ميڙ پاڻ ۾ ضرور ڳالهيون ڪندو هوندو، ايڏي وسيع ڪائنات ۾ اهي هزارن سالن کان ڪيئن ڀلا خاموش رهي ٿا سگهن؟!

حسن درس فطرت جي من موهيندڙ رنگ برنگي انڊلٺ جهڙن رنگن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي. هو ننڍڙن جيتامڙن ۽ ننڍڙي جيوتَ کي بہ گهڻو ڌيان طلب ڀانئي ٿو. جيئن هي باغ جو خوبصورت منظر ڏسو:

سوين پوپٽن جي محافظ جٿي سان،
گلن سان ڪندي گفتگو ڪا گُڏي وئي
(محبوب، ارم، 2017، 82)

هڪڙي گُڏي جي حفاظت ۾ پوپٽن جو وَلرُ، ڪيڏي نہ سهڻي تشبيهہ آهي. هڪڙي گڏي گلن جي باغ ۾ گلن سان گفتگو ڪندي گهمي ٿي، ۽ پوپٽ ان جا محافظ ٿي ان جي چؤگرد گهمي رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌو جي سير تي هي منظر ڏسو:

وار وينگس وهنجندي هٿا چوڙيا،
پئي سنڌوءَ جي سير ۾ ايري لهر.
(محبوب، ارم، 2017، 92)



سنڌوءَ جي سير ۾ لهر جو ايرڻ ۽ ان ۾ وينگس جو وهنجڻ يقينن فطرت جي جماليات جو هڪڙو سهڻو منظر آهي. اهڙو خوبصورت منظر هڪ فطرت پسند شاعر ئي چٽي ٿو سگهي، جنهن جي هر خيال ۾ جمال جو جادو هجي.

**حسن درس جي شاعريءَ ۾ سِڪ ۽ درد جي جماليات:**

هڪڙي پاسي جماليات حُسن، سونهن، خوبصورتي ۽ هر ان شئي جي مسرت جو سبب آهي، جنهن جو تعلق خوشي سان محسوس ٿئي ٿو تہ ٻئي پاسي ان جو هڪڙو ٻيو رُخ بہ آهي. جنهن ۾ پُورَ ۽ سورَ جو جمال آهي. جنهن ۾ ڪا بہ راحت نہ آهي. جنهن ۾ حُسن، سونهن ۽ خوبصورتي تہ آهي، پر اها درد جي، غم جي، ڏک جي، اذيت جي ۽ پيڙا جي درد جو جمال ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح حسن درس جي شاعريءَ ۾ اها درد جي جماليات بہ جهجهي انداز ۾ موجود آهي. هو پنهنجي درد کي ’پوشاڪ‘ ڪوٺي ٿو:

سِرن جيئن پچائي برهہ جو بنو،
اسان جو تہ سورن ۾ آهي سنو.

اهو درد پوشاڪ آهي پرين،
لکن کي لڪايو گهمي ٿو لٽو.

اهور سور جو ساٿ سونو اٿئي،
مليل حب جو ڪين پائنج مَنو.
(محبوب، ارم، 2017، 66)

عشق ۾ ماڻهو هميشہ پچندو ۽ پڄرندو رهي ٿو، اهو ئي عشق جو وڏو الميو آهي. عشق خود هڪڙو سور بڻجي ناسور ٿيو پوي. پر اصل درد تہ پرينءَ جي پوشاڪ وانگر آهي، جيڪو اسان جي لٽي ۾ لِڪيو ٿو وڃي. مگر اهو درد محبوب جي دينَ آهي، ان جو ڏنل تحفو آهي، اهو توهان جي زندگيءَ جو ثمر ٿيندو. درد جو اهو ئي جمال آهي تہ ان ۾ ڪو بہ درد ڪونهي. پر سِڪ جي جمال ۾ ماڻهو وري انتظار ۾ ٿو پڄري، جتي نيڻ نهاريندا رهن ٿا. حسن لکي ٿو:

راڻي پڇاڻان، هنڌين ماڳين هُو ٿيو
بتيون ساريون بند ٿيون ڏيئا اجهاڻا،
پُسيل پاند ٻڇڙيءَ ۾، آلا وَهاڻا،
جاڻان ڪيئن جاڻان، راڻِي ناهي راڄ ۾.
(محبوب، ارم، 2017، 50)

محبوب جي سِڪ هر هنڌ، هر ماڳ ۽ هر جاءِ تي هوندي آهي، توڙي ڏينهن هجي يا رات! پر جڏهن رات ٿئي، ته اها سِڪ وڌيڪ موثر انداز ۾ وجود وڪوڙي ٿي ڇڏي، جتي سڄي دنيا سڪون سان سمهي ٿي اتي اسان جا نيڻ ڏيئن جيان محبوب جي آس ۾ ٻرن ٿا. نه رڳو اهو پر راڻي جي راهه تڪيندي ڳوڙها ڳلن کان ٻڇيءَ تائين ڳڙن ٿا ۽ ائين ئي پاند به پسي ڪري وِهاڻا آلا ڪري ڇڏين ٿا. ائين ڪٿي پاند پسائجن ٿا ته ڪٿ محبوب کي ڏوراپو به آهي. جيئن حسن لکي ٿو:

آئون تو ساڻ، تون ڪٿي جانان،
هن گهڙي هاڻ، تون ڪٿي جانان!

ڪهڙي ڪنڊ ڪائنات جي وڃي ورتئي؟
پاڻ کي آڻ، تون ڪٿي جانان!
منهنجي سيني ۾ تنهنجي سهڪي جو
آ لڳل ٻاڻ، تون ڪٿي جانان!
(محبوب، ارم، 2017، 59)

سِڪ اها هوندي آهي، جنهن ۾ محبوب جي هئڻ جو احساس هجي، ان سان گڏ هجڻ، ان جي وجود کي محسوس ڪرڻ شامل هجي. اهڙو ئي احساس مٿين سٽن ۾ به محسوس ٿئي ٿو جتي محبوب جو احساس ساڻ هوندي به ان کي ڏوراپو ڏيئي پڇجي ٿو ته آخر تون ڪٿي آهين؟ آخر هن سڄيءَ ڪائنات ۾ ڪهڙي پاسي وڃي لِڪو آهين؟ هن سيني ۾ جيڪا سِڪ باهه وانگر ٻري پئي ان جو ڪو ته تدارڪ هئڻ گهرجي. پر محبوب کي هر جاءِ تي ڳولهڻ ان جي سِڪ کي وڌائي ٿو. جيئن:

تون ڪٿي آهين؟
تو بنا خالي پڻو مان،



پاڻ کي ڳوليان ڪٿي مان،
تو ۾ منهنجو ساهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟
(محبوب، ارم، 2017، 171)

خالي پڻو به هڪڙي گهري ڪيفيت آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي ڪنهن ٻئي ماڻهو جي بنا محسوس ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان جي شدت ايتري ته وڌي ٿيندي آهي جو ماڻهو پنهنجو ساهه ٻئي ماڻهو ۾ ڪٽندي محسوس ڪندو آهي. اهو ئي ته سِڪ جو جمال آهي. جنهن ۾ هڪ ماڻهو ٻئي جي ڳولها ڪري ٿو، ان جو پڇي ٿو. ڪٿ وري محبوب جي سِڪ صندل جي ٻرندڙ ڪاٺين جيان ٿئي ٿي:

صندل جو ٻرن ڪاٺيون، ائين دل به ٻري ٿي پئي،
منهنجي ته سوا تنهنجي ڪا ساعت به سري ٿي پئي.
ميلاپ جدائيءَ جو هي عجيب تماشو آ،
جيڪا آ اندر وينئي، سا ڇو ته پري ٿي پئي؟
(محبوب، ارم، 2017، 70)

اها ڪيڏي نه بي حسي ڇئبي، توکان سواءِ ڪا به واهر ڪونهي، ڪا به آٿت ڪونهي ۽ نه ئي ڪو دلاسو، ان هوندي به تنهنجي سار منهنجي دل ۾ صندل جي ڪاٺين جيان ٻري رهي آهي. هي آخر جدائيءَ جو ڪهڙو تماشو آهي، جنهن ۾ ميلاپ جو رڳو آسرو ئي آهي. جنهن جي ڪا پڄاڻي ڪونهي! ڪٿ ته سِڪ ساهه سڪائي ٿي رکي:

هجر جي هانوَ تان پهرو پري ٿئي پياري،
نصيب نينهن جو نڪري اچي نڇي جانان!
(محبوب، ارم، 2017، 59)

هي ڪهڙو نه دلڪش خيال آهي، ڪيڏو نه درد ۽ سِڪ جهڙو احساس پاسي ٿو ڪڏهن آخر وصال ٿيندو! ڪڏهن آخر هجر ختم ٿيندو، جيڪو هانوَ ۾ هُرِي رهيو آهي، ڪڏهن ان جو انت اچڻو آهي. ان لاءِ نصيب تي ڇڏجي، نصيب ميلاپ هڪ

ڏينهن ضرور ٿيندو. ڪٿي ڪٿي وري شاعر پنهنجو پاڻ درد، ڏک ۽ غم جي جمال کي پاڻ چاهيندا آهن. جيئن حسن درس گهري ٿو:

يار غم قريب ڪر،
درد مون نصيب ڪر.

جسم کان جدا ڪري،
روح کي رقيب ڪر.
(محبوب، ارم، 2017، 106)

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اهڙي ڪيفيت مان بہ گذرندو آهي، جو ان کي درد، ڏک يا غم بہ وڻڻ لڳندو آهي، درد جي اهڙي وڻندڙ صورت بہ ڪڏهن ڪڏهن راحت جو سبب ٿي پوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڪثر شاعر درد جي جمال کي سمجهندي ان جي خواهش کي ظاهر ڪندا آهن ۽ ڪڏهن وري اهي درد تہ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ سهي نہ ٿو سگهي ماڻهو جيئن:

هزارين درد لمحا ديس ۾ گذريو نہ ٿا گذرن،
گهڙي هڪ گهاءَ تي بيني ڪٽڻ کان ئي ڪنن تي وئي.
(محبوب، ارم، 2017، 108)

هونئن تہ ماڻهوءَ جي وجود کي هزارين غم جنجهوڙي، نپوڙي ۽ نچوڙي رکن ٿا، پر غم جو ڪو هڪ گهاءُ بہ سڄي عمر ڪٽڻ ڪنن آهي، ڪا هڪ گهڙي ڪو هڪ پهر ان گهاءَ جي ڪري ماڻهو سڄي وجود سميت پاڻ پيڙهجندو ۽ پڄرندو محسوس ڪندو آهي. اهو گهاءُ جدائيءَ جو بہ ٿي سگهي ٿو جيئن وڇوڙي جي درد ۾ حسن لکي ٿو:

ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين،
وڇڙي وڃي پوءِ وڻن ۾ ڦتاسين،
ڪنارا بہ ڪيئي، ندين جا ڏٺاسين،
گهڻا مينهن بڻجي، پٽن تي وُٺاسين،
ائين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين.
(محبوب، ارم، 2017، 232)



درد اسان جي اندر جي هڪڙي اهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا اسان جي اندر جي جمال کي اُجاري، نکاري ۽ سنواري اسان جي اندر جي سيني احساسن کي اسان جي اڳيان آڻي بيهاري ٿي. ملڻ کان پوءِ وڇڙڻ جو درد، وڇڙڻ کان پوءِ ٻيهر ڦٽڻ جو احساس بہ هڪڙي درد جو جمال ئي چئبو.

حسن درس وٽ سِڪ ۽ درد جي جماليات ۾ انيڪ شعر موجود آهن، جن تي الڳ سان مقالو تحرير ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. هن گڏيل مقالي ۾ چند ئي شين جي نشاندهي ڪري سگهجي ٿي.

**حسن درس جي شاعريءَ ۾ جسماني ۽ سينگار جي جماليات:**

جيترا اسين فطرت جي جماليات کان متاثر آهيون اوترو ئي اسان انسان جي جسماني ۽ سينگار جي جماليات کان بہ متاثر ٿيندا آهيون. جسماني جماليات مان مُراد آهي، جسماني اعضاء جو حسن، اُن جي خوبصورتي. جڏهن تہ سينگار جي جماليات ۾ اسين انسان جي ظاهري سينگار، ڏيک ويک ۽ ان جي لباس وغيره کان متاثر ٿيندا آهيون. جسماني جماليات جو تعلق انسان جي بت جي بناوت سان آهي. جڏهن تہ سينگار جي جماليات محبوب جي هارَ سينگار ان جي اوصاف وغيره جي جمال سان آهي. حسن درس جي شاعريءَ ۾ اسان کي ٻنهي قسمن جي جماليات جا عڪس ملن ٿا جنهن ڪري هن مقالي ۾ انهن جو ذڪر ڪريون ٿا.جيئن هيٺين شعر ۾ حسن درس محبوب جي جسماني ۽ سينگار جي جماليات جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

آمهون سامهون تون هجين بيٺل،
پنهنجي سر پاڻ، مان ڏسان چهرو.

دلڪشي، شوخ، سُرخ، سينگاريل،
لب لالاڻ، مان ڏسان چهرو.

ڪو ذرو تِرُ، ڪو مُهٽو موهِيڙو،
ڪا ڪٽي داڻ، مان ڏسان چهرو.
(محبوب، ارم، 2017، 50)

محبوب جي چهري کي هو دلڪش، شوخ، سرخ ۽ سينگار سان ڀرپور ڏسڻ ٿو چاهي، جنهن ۾ محبوب جي لبن جي لالاڻ، ان جي چهري تي ترَ جو هجڻ، يا موهيڙي جو هجڻ ان جي حسن ۾ اضافو ڪري ٿو. ان ڪري سندس چهري تي لالاڻ جو هجڻ يا ترَ ۽ موهيڙي جو هجڻ ان جي جسماني ۽ سينگار جي جمال کي نمايان ڪري ٿو. هڪ ٻئي هنڌ حسن درس محبوب جي حسن جي هاڪ جو ذڪر هيئن ڪري ٿو:

هيءَ هوا تنهنجي، حسن جي هاڪ ۾،
پئي ڦِري هر ٺام ۾ ۽ ٺاڪ ۾
تون وسين خوشبوءَ ۾، سُرهاڻ ۾،
باک ويلي، مهڪ گهلندي ماک ۾.
(محبوب، ارم، 2017، 54)

نه رڳو ماڻهو بلڪ هي هوا به تنهنجي حسن، تنهنجي سونهن، تنهنجي خوبصورتي ۽ تنهنجي سندرتا جا چرچا شهرن، ڳوٺن، وستن ۽ واهڻن ۾ ڪري ٽوڪي مشهور ڪري رهي آهي، تون مڪمل پاڻ خوشبوءِ آهين. تنهنجي سرهاڻ ائين مهڪندي آهي جيئن باک ڦٽڻ ويلي، ماک ۾ مهڪ گهلندي محسوس ٿيندي آهي. اهو تنهنجي حسن جو ڪمال آهي. خوشبوءِ خود سينگار جي جمال جو اهم عنصر سمجهيو ويندو آهي. هڪ ٻئي هنڌ حسن درس محبوب جي حسن کي ۽ سينگار کي هيئن ڳائي ٿو:

ڪنديون لوڏ سان هوڏ چا هي هوائون،
تنهنجي ٽور تي گهور ٿي پيون گهٽائون.

تنهنجي موهه جي ٻوهه جڪڙي وڌو،
زنجيرن ۽ زُلفن جون ارڏيون ادائون.
(محبوب، ارم، 2017، 56)

هوائون به محبوب جي لوڏ سان پڇي نه ٿيون سگهن، هُن جو هلڻ هرٽيءَ مثل هوندو آهي، محبوب جي هلڻي تي به هڪڙو ناز آهي جنهن تي هوائون گهور ٿي پون ٿيون. سندس حسن اهڙو نه موهي رکيو آهي، جو هُن جي زلفن جي زنجيرن ۽ ارڏين



ادائن ۾ اسان ڦاٿڪي رهيا آهيون. جتي حسن لوڏ ۽ زلفن جي جمال جي ڳالهه ٿو ڪري اتي ئي هو چپن لاءِ لکي ٿو:

تنهنجا لب سنڌوءَ جا ڪپ،
چمڻ ڏي تون پنهنجا چپ.

هاءِ حسن به هيڇي ڪهڙو
تنهنجي جواني، منهنجا جهپ.
(محبوب، ارم، 2017، 96)

ورلي ئي ڪو شاعر اهڙو هجي، جيڪو پنهنجي محبوب جي هر هڪ انگ کي يا ان جي سونهن کي نه ڳائيندو هجي. محبوب جي لبن کي حسن سنڌوءَ جا ڪپ سڏي ٿو. هُن لاءِ اها ئي عقيدت رکن ٿا جيتري سنڌوءَ جي آهي. حسن درس توڙي جو پنهنجي شاعريءَ ۾ سڀ رنگ آندا آهن، پر هُن وٽ جماليات جا جيڪي به عنصر ملن ٿا اهي پاڻ هڪڙي جمال ۽ ڪمال کي پهتل محسوس ٿين ٿا. سندس شاعريءَ جديدت موضوعن سان ڀرپور ۽ اسلوب جي حوالي سان نرالي آهي. هن جي شاعريءَ جو جمال ئي اهو آهي ته ڪيس جديد شاعرن جي صِف ۾ نظم جو هڪڙو اهم شاعر مڃيو ٿو وڃي.

بنيادي طور هن تحقيقي مقالي ۾ حسن درس جي شاعريءَ ۾ جمالياتي خصوصيتن جو ذڪر وڏيڪ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اها ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته حسن درس جي شاعريءَ جي جمالياتي پهلوئن تي روشني وڌي وڃي.

## حوالا


اوڏ رام.(2017). ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو. حسن درس جي شاعري هڪ اڀياس. ٿرپارڪر، سنڌ: پارڪر پبليڪيشن آڏيگام.

ساجده پروين ڊاڪٽر. ( 2021). مقالو: جديد سنڌي شاعريءَ جو چڪمندڙ تارو: حسن درس. سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، جلد – 10، شمارو –ٻيو. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو.

محبوب، ارم 2017). سهيڙيندڙ: حسن درس جو رسالو. ڪراچي، سنڌ: ڪاڇو پبليڪيشن

مهراڻي. شير. ڊاڪٽر.(2013). شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات (پي ايچ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

1: https://www.dawn.com/news/639424/yaar_zinda_sohbat_baaqi